# اعتدال پسندي ۽ تبليغ سيرت طيبه جي روشني ۾

پروفيسر مراد علي راهمون
گورنمنٽ ايس ايم آرٽس ڪالج

اعتدالُ جو لفظ، اصل ۾ عدلُ مان نڪتل آهي. عدل جي معنيٰ برابر ڪرڻ ۽ انصاف ڪرڻ آهي. اعتدال جي معنيٰ ٿيندي، برابري، تناسب، ٻن حالتن ۾ برابري يا وچٿرائي اختيار ڪرڻ (۱) اعتدال سان ملندڙ ٻيو لفظ اقتصادُ آهي. اهو لفظ قصدُ مان نڪتل آهي. انهيءَ جي معنيٰ به، وچٿرائي اختيار ڪرڻ ۽ ميانه روي سان هلڻ آهي. اقتصد في الامر جي منعيٰ ڪنهن ڪم ۾ ميانروي ۽ وچٿرائي ڪرڻ آهي، اقتصاد في النفقته جي معنيٰ آهي. مال خرچ ۾ وچٿرائي ۽ ميانه روي اختيار ڪرڻ، (۲) وسط لفظ به، ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو وسط يسط وسط معنيٰ وچٿرو ٿيڻ. وسط الشيءُ معنيٰ به ٽڪرا ڪرڻ آهي. الوسط معنيٰ معتدل، وچٿرو، ميانه رو. اهو لفظ واحد جمع مونث مذڪر ٻنهي لاءِ استعال ٿيندو آهي. اوسط الشيءُ منعيٰ ٻنهي طرفن جو وچ يا مرڪز. عرب چوندا آهن وُسوط الشمس يعني سج جو آسمان جي وچ ۾ اچڻ. (۳)
اسلام ۾ اعتدال ۽ اقتصاد آهي. مسلمان امت کي اُمتَ وَسَطُ جو لقب ڏنو ويو آهي. اسلام کان اڳ، زندگيءَ جي تاري ۾، مختلف انساني طبقن جو رويو، افراط ۽ تفريط تي ٻڌل هو. هڪڙي طبقي، مادي زندگي کي ئي، سڀ ڪجهه سمجهي ورتو هو، انهي طبقي جون سرگرميون، مادي زندگي جي ئي چوڌاري، ڦرنديون هيون. ٻي انسان طبقي مادي زندگي کي گندگي سمجهي، رد ڪري ڇڏيو هو،انهي طبقي جي نظر ۾ سچي مذهبيت، دنيا کي ترڪ ڪرڻ سان ئي ملي سگهي ٿي، اهي ٻئي انساني طبقا، افراط ۽ تفريط جو شڪار هئا. اهي انتها پسندي تي هئا، اسلام انهن ٻنهي روين جي وچ ۾، اعتدال ۽اقتصاد جي راهه پيدا ڪئي. اها اعتدال جي راهه ئي، دنيا جي روحاني تعبير آهي. اسلام مطابق

(اي اهل ڪتاب ! توهان پنهنجي دين ۾ غلو نه ڪريو ۽
الله تعاليٰ ڏانهن حق کانسواءِ ٻي ڳالهه منسوب نه ڪندا
ڪريو.

دين ۾ مشڪل پسندي به هڪڙي قسم جي انتها پسندي آهي. مذهبي طبقن ۾ اها مشڪل پسندي هميشه مرغوب رهي آهي. مختلف مذهبي گروهن اهڙيون رياضتون ۽ مشقتون اختيار ڪيون آهن جو انساني طبيعت ايترو بار برداشت نه ٿي ڪري سگهي. اهڙين رياضتن کي روحانيت جو ڪمال سمجهيو وڃي ٿو. حالانڪ پاڻ سڳورن ﷺ جن اهڙين غير معمولي رياضتن کان امت کي جهليو آهي. حضور اڪرم ﷺ جن ته اهڙين ڏکيائين ۽ مشڪلن کان ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ آيا هئا. قرآن پاڪ اهل ڪتاب جي حوالي سان پاڻ سڳورن جي احسانن کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبَاتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبَائِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ
اِصْرَهُمْ وَالْأَغْلَالَ الَّتِي كَانَتْ عَلَيْهِمْ(٧)

(اهو نبي انهن جي لاءِ پاڪ شيون حلال ڪري ٿو ۽
ناپاڪ شيون حرام قرار ڏي ٿو ۽ انهن مٿان جيڪو بار آهي
سو لاهي ٿو ۽ هو (نبي) اهي بندشون ۽ زنجيرون کولي ٿو
جن ۾ اهي جڪڙيل آهن)

اهل ڪتاب جي اڪثر مذهبي طبقن ۾ جئن ته مشڪل پسندي ئي نج مذهبيت هئي تنهنڪري انهن مان روشن خيال ۽ سيڪيولر طبقي مذهب کان تنگ ٿي الحاد جو اعلان ڪيو. هن وقت مغربي دنيا ۾ جيڪو به الحاد ۽ مذهب بيزاري جو رويو آهي سو مذهبي انتها پسندي ۽ مذهبي تنگ نظري جي ڪري آهي يهودين ۾ اڳي به تنگ نظري هئي. پندرهين صدي عيسوي ۾ عيسائي چرچ به اهڙو هٺ جهليو جو ماڻهو ماڳهين مذهب مان هٿ ڪڍڻ لڳا.

چرچ, عقليت پسندي ۽ فڪر جي آزادي جو ساٿ ڏيئي نه سگهي, تنهنڪري عقليت پسندي ۽ آزاد فڪر وارن خلاف, ڪفر جون فتوائون نڪتيون. چرچ تي قبضو انهن ماڻهن جو هو جيڪي سالم دماغ ۽ اعتدال پسند ڪونه هئا. اهي انتها پسند ۽ عقل جا ڪوتاهه هئا, ان ڪري علمي ۽ سائنسي ڳالهيون سمجهڻ, انهن جي وس کان ٻاهر هو. مذهب ۽ سائنس جو جهيڙو به, اهڙن مت جي منجهيل ۽ تنگ نظر راهبن جو شروع ڪرايل آهي.

مزيدار ڳالهه وري هي آهي ته هن دور جا اهل ڪتاب, هن اعتدال پسند امت کي انتها پسند امت چون ٿا. حالانڪ مسلمان مسلمان رهندي, ڪڏهن به انتها پسند نه ٿو ٿي سگهي. قرآن پاڪ ۽ حضور پاڪ ﷺ جي تعليمات هوندي, مسلمان اعتدال کي ڇڏي ڪيئن ٿو انتها پسند ٿي سگهي؟ مسلمان امت ۾ جيڪڏهن ڪٿي انتها پسندي جا رجحانات ملن ٿا, ته اهي فقط انهن قليل گروهن ۾ آهن, جن کي امت جي اجتماعي ضمير هميشه رد ڪيو آهي (٨) اسلام, هڪڙو چڱو, اصولي ۽ عقلي دين آهن. اسلام انسان کي عقل ۽ شعور کان ڪم وٺڻ جي تلقين ٿو ڪري. عقل جو لفظ, پنجن صيغن ۾, ٣٩ ڀيرا قرآن مجيد ۾ آيو آهي, بار بار چيو ويو آهي ته

اَفَلاَ تَعقِلُونَ(٩) (ڇا توهان عقل کان ڪم نه ٿا وٺو؟)

لَعَلَّكُم تَعقِلُونَ (١٠) (تان ته توهان عقل کان ڪم وٺو)

اِن كُنتُم تَعقِلُونَ (١١) (جيڪڏهن توهان عقل رکو ٿا)

اَفَلَم تَكُونُو تَعقِلُونَ(١٢)

(۽ جهنمي چوڻ لڳا ته ڪاش جو (اسان نبي جون ڳالهيون) ٻڌون ها يا عقل کان ڪم وٺون ها ته دوزخ ۾ نه هجون ها)

وَقَالُوالَو كُنَا نَسمَعُ اَونَعقِلُ مَاكُنا فِىاَصحَابِ السَعِير(١٣)

(عقل کان ڪم فقط عالم ئي وٺن ٿا)

وَمَا يَعقِلُهَا اِلاَّ العَالِمُونَ(۱۴)

(انهن مان گهڻا عقل کان ڪم نه ٿا وٺن يعني بي عقل آهي)

وَاَڪثرُ هُم لاَ يَعقِلُونَ(۱۵)

(ڪائنات ۾ البت نشانيون آهن انهي قوم لاءِ جيڪا عقل رکي ٿي.)

لاٰيَاتٍ لِقَومٍ يَعقِلُونَ (۱٦)

(قرآن مجيد ۾ عقل سان گڏ پيو لفظ شعور گهڻو استعمال ٿيو آهي، الله تعاليٰ بار بار انسان کي شعور کان ڪم وٺڻ جو حڪم ڏنو آهي، اهو حڪم ڪيترائي ڀيرا آيل آهي. جئن ته)

بَل اَحيَاءٌ وَلٰڪِن لاَتَشعُرُونَ(۱۷)

(بلڪ شهيد زنده آهن پر اوهان کي ان جو شعور ڪونهي)

وَاَنتُم لاَ تَشعُرُونَ(۱۸) (۽ توهان نه ٿا سمجهو)

وَمَا يَشعُرُونَ(۱۹) (اهي نه ٿا سمجهن)

قرآن مجيد ۾ تدبر ۽ تفڪر کان ڪم وٺڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جئين:

اَفَلاَ يَتَدَبَّرُونَ القُرآنَ (۲۰)

(ڇا اهي قرآن ۾ تدبر ۽ ويچار نه ٿا ڪن)

اَفَلاَ يَتَدَبَّرُونَ القُرآنَ اَم عَلَيٰ قُلُوبٍ اَقفَالُهَا (۲۱)

(ڇا اهي قرآن ۾ تدبر ۽ ويچار نه ٿا ڪن يا سندن دلين تي تالا لڳل آهن)

كِتَابٌ اَنزَلنَاهُ اِلَيكَ مُبَارَكٌ لِيَدبَرُوا ءَيَاتِہِ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الأَلبَابِ (٢٢)

(اهي ڪتاب اسان تو ڏانهن نازل ڪيو آهي ته جيئن اهي هن جي آيتن ۾ تدبر ڪن ۽ عقل وارا نصيحت حاصل ڪن.

الله پاڪ انسان کي غور ۽ فڪر، سوچ ۽ ويچار ڪرڻ جو حڪم به ڪيترائي ڀيرا ڏنو آهي، جيئن:

كَذَالِكَ يُبَيِنُ اللهُ لَكُم اُلايَاتِ لَعَلَكُم تَتَفَكَرُونَ(٢٣)

(اهڙي طرح پاڪ اوهان جي لاءِ آيتن کي واضح ڪري ٿو ته جيئن توهان غور ۽ فڪر ڪريو)

قُل هَل يَستَرِي الأَعمٰي وَالبَصِير اَفَلاَ تَتَفَكَرُونَ (٢٤)

(چئو ته ڇا نابين ۽ ڏسڻ وارو ٻئي برابر آهن ؟ ڇا غور ۽ ويچار نه ٿا ڪريو) (٢٤)

فِيہِ شِفَا ، لِلنِاسِ اِنَ فِي ذَالِكَ لَآيَاتٍ لِقَومٍ يَتَفَكَرُونَ

(انهي ۾ ماڻهن لاءِ شفا آهي، بيشڪ منجهس انهن قومن لاءِ نشانيون آهن جيڪي غور ۽ ويچار ڪن ٿيون) (٢٥)

اسلام اهڙو منظم دين آهي، جنهن ۾ موافقت ۽ مخالفت، محبت ۽ نفرت، يگانت ۽ عليحدگي جا اصول ۽ ضابطا موجود آهن، ان جو نصب العين، واضع ۽ مقصد، چٽو آهي، اسلام ۾ ڪفر ۾ بنيادي فرق، اعتدال ۽ انتها پسندي آهي، اسلام ته، اختلاف جي لاءِ به، اصول مقرر ڪيا آهن، اسلام ته دشمن جي خلاف جنگ ڪرڻ ۾ به اصول ڏنا آهن. اسلام ۾ اعتدال تي رهڻ جو حڪم آهي ۽ زيادتي ڪرڻ کان بچڻو آهي جيئن الله تعالي فرمائي ٿو:

وَ قَاتِلُوا فِي سَبِيلِ اللهِ الَذِينَ يُقَاتِلُونَكُم وَلاَ تَعتَدُوا . اِنَ اللهَ لاَيُحِبُ المُعتَدِينَ (٢٦)

(تواهن الله جي راهه ۾ انهن ماڻهن سان جنگ ڪريو جيڪي توهان سان جنگ ڪن ٿا پر زيادتي نه ڪريو ڇو ته الله پاڪ زيادتي ڪرڻ وارن کي پسند نه ڪندو آهي)

## (٢) اعتدال ۽ اقتصاد جو حڪم

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ حضور اڪرم ﷺ جن کي اعتدال ۽ ميانه روي جو حڪم ڏنو آهي، حضرت لقمان عليه السلام جي واقعي ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو :

وَاقصد فِي مشيڪَ وَ غضُض مِن صَوتِڪ (٢٧)

(۽ پنهنجي چال ۾ وچٿرائي اختيار ڪر ۽ پنهنجو آواز جهيڻو ڪر.

الله تعاليٰ قرآن ۾ ٻي جاءِ تي مال خرچ ڪرڻ ۾ وچٿرائي ۽ اعتدال جي راهه وٺڻ جو حڪم ڏيندي فرمائي ٿو:

وَلاَ تُفعَل يَدَڪَ مَخلُولته اِلي عُنقِڪَ وَلاَ تبسُطهَا ڪُلَ البَسط (٢٨)

(۽ پنهنجي هٿ کي ڪنڌ سان ٻڌي نه رک نه ئي پورو جو پورو کولي رک.

هن آيت ۾ الله تعاليٰ ڪنجوس ۽ بخل، فضول خرچي ۽ اسراف کان بچڻ جو حڪم ڏنو آهي، ٻين لفظن ۾ هتي اعتدال ۽ ڪفايت شعاري جو حڪم ڏنو ويو آهي

وَلاَ تُبَذر تَبذِيرا اِنَ المُبَذرِينَ ڪَانُوا اِخوَان الشَياطِين(٢٩)

(۽ فضول خرچي نه ڪر بيشڪ فضول خرچي ڪرڻ وارا شيطان جا ڀائر آهن)

مقابلي ۾ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن (عبدالرحمٰن) جي سهڻي صفت ٻڌائي وئي آهي، اهي نصيحت غور سان ٻڌندا آهن، ٻڌڻ کان پوءِ اهي انهي نصيحت کي سمجهي مٿس عمل ڪندا آهن.

## (۴) کائڻ ۽ پيئڻ ۾ اعتدال:

حضور اڪرم ﷺ جن کان اڳ عربن ۾ رواج هو ته اگهاڙا ٿي ڪعبي جو طواف ڪندا هئا، حج جي موقعي تي کاڌو کائڻ گهٽائي ڇڏيندا ها. ڪي ٻڪري جو گوشت ۽ کير واپرائڻ ڇڏي ڏيندا هئا. ائين ڪرڻ هو وڏي عبادت ۽ قرب الهيٰ جو ذريعو سمجهندا هئا هن آيت ۾ انهن سڀني کي ٻڌايو ويو ته هي توهان جو عمل، نيڪي ۽ تقويٰ ڪانهي، خدا پاڪ جي عطا ڪيل پوشاڪ استعمال ڪريو ۽ اگهاڙا ٿي طواف نه ڪريو. عبادت جي وقت ان جي وڌيڪ ضرورت آهي. الله تعاليٰ توهان کي کاڌ پيئڻ ۽ پائڻ لاءِ جيڪي ڪجهه عطا ڪيو آهي، ان مان فائدو وٺو. فقط هيڪڙو شرط آهي ته اسراف نه ڪريو.

كُلُوا وَاشْرَبُوا وَلاَ تُسْرِفُوا اِنَ اللهَ لاَيُحِبُ الْمُسرِفينَ (۳۴)

(کائو ۽ پيئو پر اسراف نه ڪريو ڇو ته الله پاڪ اسراف ڪندڙن کي پسند نه ڪندو آهي).

اسراف جي معنيٰ حد کان لنگهڻ يا ليڪو لنگهڻ آهي. ان جون ڪي ڪيترين ئي صورتون آهن، مثلاً حلال کي حرام ڪرڻ، حلال کي ڇڏي حرام کي واپرائڻ، حرص جي ڪري حد کان وڌيڪ کائڻ، بک ڪانسواءِ کائڻ، بيوقت کائڻ ايترو گهٽ کائڻ جو اهو صحت ۽ قوت عمل لاءِ ڪافي نه هجي، صحت کي نقصان ڏيندڙ شيون واپرائڻ وغيره لفظ اسراف ۾ اهي سڀئي ڳالهيون شامل آهن، فضول خرچي به انهن مان هڪ آهي، انهي عام مفهوم جي ڪري بزرگن چيو آهي:

جَمَعَ اللهُ الطب كُلهُ فِي نِصفِ آيَتہ (۳۵)

عبادت ڪرڻ تي متوجهه ڪندي آهي. پر اهو جوش، گهڻو عرصو قائم نه رهندو آهي. تنهنڪري انسان کي ايتري ئي عبادت ڪرڻ گهرجي، جيتري هو، آساني سان ڪري سگهي. هو ان تي بنا ڪنهن ڏکيائي جي قائم رهي سگهي، سيرت طيبه مان اسان کي اها ئي تعليم ملي ٿي.

حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته ٽي صحابي سڳورا، حضور اڪرم ﷺ وسلم جن جي بيبين سڳورين وٽ ويا ۽ کانئن پاڻ سڳورن ﷺ جي عبادت جو حال پڇيائون حال معلوم ٿيڻ تي هنن پنهنجي عبادت کي تمام گهٽ سمجهايو، ٽئي صحابي چوڻ لڳا ته ڪٿي اسين ۽ ڪٿي الله پاڪ جو رسول ﷺ! الله پاڪ جي رسول ﷺ جا ته اڳيان پويان سڀ گناهه معاف ٿي چڪا آهن. انهن مان هڪڙي ساري رات نفل پڙهڻ، ٻي هميشه روزا رکڻ ۽ ٽئي پوري زندگي مجدد رهڻ جو وچن ڪيو، هنن جو اهو فيصلو پاڻ سڳورن ﷺ ٻڌي ورتو، ته وٽن هلي آيا ۽ فرمايائون، "توهان، هي فيصلو ۽ وچن ڪيو آهي؟" "خدا جو قسم! آئون توهان سڀني کان وڌيڪ الله تعاليٰ کان ڊڄان ٿو، پر روزا به رکان ٿو ۽ ڇڏيان به ٿو، رات جو عبادت به ڪريان ٿو ۽ آرام به ڪريان ٿو. آئون نڪاح به ڪريان ٿو، جيڪو ماڻهو، منهنجي سنت کي ترڪ ڪندو، اهو منهنجي امت مان ناهي.(٣٧)

حديث مان معلوم ٿيو ته، انتها پسندي حضور اڪرم ﷺ جن کي پسند نه هئي. پاڻ سڳورن ﷺ کي اهڙي عبادت جنهن ۾ غلو هجي، پسند نه هوندي هئي.

## (٧)تلاوت ۾ اعتدال:

تلاوت جهڙي نيڪ ڪم ۾ به اعتدال جي تعليم ڏني آهي، سندن فرمان آهي ته "طبيعت جو ذوق هجي، تيستائين تلاوت ڪندا ڪريو، طبيعت تي بار ٿئي ته تلاوت ڪرڻ ڇڏي ڏيو" حضرت جندب بن عبدالله کان روايت آهي، ته پاڻ

سڳورن فرمايو قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندا رهو جيستائين توهان جي دل گهري، جڏهن دل نه گهري، ته تلاوت ڪرڻ ڇڏي ڏيندا ڪريو (٣٨) انهي مان به سادي ۽ اعتدال جي راهه معلوم ٿئي ٿي.

## (٨) سادي ۽ اعتدال جي راهه:

پاڻ سڳورن کي سادي ۽ اعتدال جي راهه پسند هوندي هئي، حضرت بيبي عائشه رضه کان روايت آهي ته، پاڻ سڳورن کي جڏهن به ٻن ڳالهين ۾، اختيار ڏنو ويو، ته پاڻ سڳورن هميشه، آسان ڳالهه کي اختيار ڪيائون بشرطيڪ ان ۾ ڪو گناهه جو ڪم نه هجي (٣٩) پاڻ سڳورا امت جي لاءِ، آساني ۽ اعتدال جي واٽ ڇڏي ويا.

## (٩) گفتگو ۾ اعتدال:

پاڻ سڳورن جي ڪلام ۾، هميشه اعتدال ۽ ميانه روي هوندي هئي، سندن گفتگو آسان ۽ صاف هوندي هئي، پاڻ نه ته گهڻو تيزي سان ڳالهائيندا هئا ۽ نه ئي بلڪل آهستي ڳالهائيندا هئا، بلڪ وچٿري آواز ۽ درمياني رفتار سان ۽ باوقار نموني سان ڳالهائيندا هئا جو سندن اچاريل لفظن کي ڳڻي سگهبو هو.(٤٠) حضور اڪرم ﷺ جن جي هر قول مان اعتدال ۽ ميانه روي جي تعليم ملي ٿي.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي:

كَانَ النبيُ ﷺ اِذَا تَكَلَّمَ بِكَلِمَتِہ اَعَادَهَا ثَلاثًا حَتَي تُفهَمَ عَنہُ وَاِذَا اَتِي عَليٰ قَومٍ فَسَلَّمَ عَلَيهِم ثَلاثًا (رواه البخاري)(٤١)

(جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ گفتگو ڪرڻ فرمائيندا هئا ته ٽي ڀيرا ورجائيندا هئا، ته جيئن چٽي طرح سمجهي وڃن ۽ جڏهن ڪنهن قوم وٽان لنگهندا هئا ته ٽي ڀيرا سلام

ڪندا هئا.)

انهي مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ سڳورا گفتگو ۾ اعتدال ۽ اقتصاد جي راهه اختيار ڪندا هئا. مخاطب ڪي سمجهائڻ لا=, تي پيرا جملا يا لفظ ورجائيندا هئا.

## (۱۰) تبليغ ۽ تعليم ۾ اعتدال:

پاڻ سڳورا تبليغ ۽ تعليم جي مقصدن سان, جڏهن وعظ ۽ نصيحت ڪندا هئا, ته مخاطب ماڻهن جو گهڻو خيال ڪندا هئا. حضرت ابن مسعود رضه کان روايت ؛هي ته پاڻ سڳورا جن روزانو وعظ ۽ نصيحت نه ڪندا هئا, ته جئن اهو وعظ اسان تي بار نه ٿئي. (۳۲)

حضرت عڪرصه رضه کان روايت ؛هي ته حضرت عبدالله عباس رضه فرمايو :

حَدث النَاسَ كُلَ جُمعَتہ مَرّہ فَان اَبَيتَ فَمرَتَين فَان اَكثَرتَ فَثلاَثَ مَرَات وَلاَتُملَ النَاسَ هٰذَا القُر؛ن وَلاَ اُلفِينَڪَ تَا×تي القَومَ وَهُم فِي حَدِيثِ مِن حَدِيثِهِم فَتَقُصُ عَلَيهِم فَتَقطَعُ عَلَيهِم حَدِيثَهُم فَتُملِهُم وَلاكِن اَنصِت فَاذا اَمَرُولَڪ فَحَدثهم وَهُم يَشتَهونَہُ وَاَنظِرِ السَجعَ مِنَ الدُعَا= فَاجتَنِبہُ فَانِي عَهِدتَ رَسُولَ وَاَصحَابَہُ لاَيَفعَلُونَ ذَالِڪ (بخاري)(۳۳)

ماڻهن اڳيان هرجمعي تي هڪ پيرو حديث بيان ڪندو ڪر, جيڪڏهه تون ان کان انڪار ڪرين ته پو= به پيرا بيان ڪر, جيڪڏهن اجان وڌيڪ ڪرين ته پو= ٽي پيرا بيان ڪر ماڻهن کي انهي قر؛ن کان بيزار نه ڪر ۽ ؛ئون توکي اهڙي طرح نه ڏسان جو تون ماڻهن وٽ اچين ۽ اهي پنهنجي ڳالهين ۾ مشغول هجن ۽ تون ڪين وعظ ڪرڻ شروع ڪري ڏين ۽ انهن جون ڳالهيون قطع ڪري ڇڏين ۽ انهن کي بيزار ڪرين پر تون خاموش تي رهو پو= جڏهن اهي فرمائش ڪن ته انهن اڳيان حديث بيان ڪر جڏهن اهي ٻڌڻ ۾ شوق رکندا

هجن تون دعا ۾ مقفيٰ ڪلام کان بچندو رهه ڇو ته مون رسول الله ۽ صحابه جو دور ڏٺو آهي, اهي ائين نه ڪندا هئا.

حضور اڪرم ﷺ صحابه ڪرام کي ماڻهن جي بيزاري کان بچڻ جو ايترو خيال هوندو هو جو هفتي کان اڳ ماڻهن جي اڳيان اجتماعي وعظ نه ڪندا هئا, ته متان ماڻهو بيزار ٿي نه پون, اهڙي طرح هڪڙي ہي حديث پاڪ ۾ آهي, حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه هر خميس تي ماڻهن کي وعظ ڪندو هو, پوءِ ڪيس هڪڙي ماڻهو عرض ڪيو اي ابو عبدالرحمان ! آئون چاهيان ٿو ته تون اسان کي روزانو وعظ ۽ نصيحت ڪري, حضرت عبدالله بن مسعود فرمايو خبردار! مونکي انهيءَ وعظ کان هي ڳالهه روڪي ٿي ته آئون توهان کي بيزار ڪرڻ نه ٿو چاهيان, آئون توهان کي وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ ۾ ائين ناغو ڪريان ٿو جئن پاڻ سڳورا ﷺ اسان کي وعظ ڪرڻ ۾ ناغو ڪندا هئا ته متان اسين بيزار ٿي نه پئون (۴۴)

## (۱۱) تنگ نظري ۾ هلاڪت آهي:

حضور اڪرم ﷺ جن جي سيرت ۽ سنت ۾ وسعت نظري جو سبق ملي ٿو. پاڻ سڳورن جي شريعت ۽ سيرت ۾ تنگ نظري جي گنجائش ڪانهي, صحيح مسلم ۾, حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو

هَلَكَ الْمُتَنَطِّعُونَ

(تنگ نظري کان ڪم وٺڻ وارن لاءِ هلاڪت ۽ بربادي آهي)

هي جملو پاڻ سڳورن ﷺ جن ٽي ڀيرا ورجايو, امام نووي رحمت الله عليه, هن حديث جي شرح ۾ لکيو آهي ته انهي سان مراد اهي ماڻهو آهن, جيڪي وارجي به ڪل لاهيندا آهن, انتها پنسدي جو رويو اختيار ڪندا آهن,

اهي پنهنجي قول ۽ فعل ۾ حد کان لنگهي ويندا آهن (٣٥)

(١٢) بي فائدي ڪمن کان بچڻ:

حضور اڪرم ﷺ جن اعتدال جي راهه اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪندي, فضول ڪمن کان بچڻ کي ئي بهتر مسلماني سڏيو آهي, پاڻ سڳورن فرمايو آهي:

مِن حُسنِ اِسلاَمِ المَرءِ تَرکَهُ مَالاَ يَعنِيهِ (ترمذي)(٣٦)

(ماڻهو جي اسلام جي خوبي اها آهي ته هو بي فائدي ڪمن کي ڇڏي ڏيندو آهي)

اسلام ۾ هر ڪم کي احسن طريقي سان ادا ڪرڻ جو حڪم آهي, اهوئي اعتدال وارو طريقو آهي, حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد مبارڪ آهي ته:

اِنَ الله کَتَبَ الاحسان عليٰ کُلَ شيءٍ فاذا قَتَلتم فَاَحسنُوا القتلته وَاذا ذبحتم فاحسنُو اَلَذبحته وَليُحدَ شَفر ته وليرح ذَبِيحته (رواهه مسلم)(٣٧)

(بيشڪ الله تعاليٰ هر ڪم کي احسن طريقي سان ڪرڻ کي لازمي قرار ڏنو آهي, ڪنهن کي قصاص ۾ قتل ڪريو ته سهڻي نموني قتل ڪريو ۽ جڏهن ڪنهن جانور کي ذبح ڪريو ته احسن طريقي سان ذبح ڪريو توهان چاقو تکو ڪري ونو ته جيئن جانور تڪليف محسوس نه ڪري)

(١٣) نه نقصان کڻو ۽ نه ئي نقصان ڏيو:

حضور صلي الله عليه وسلم جن جي تعليم آهي ته زندگي اهڙي طرح گذارجي جو نه پيو ڪو نقصان پهچائي سگهي نه ئي ماڻهو پاڻ بي ڪنهن کي نقصان ڏي, انهي سلسلي ۾ رحمت العالمين جو فرمان آهي.

لاَ ضَرَرَ وَلاَ ضَرَارَ (رواهه ابن ماجه)(٣٨)

(نه نقصان کڻو نه ٻي ٻي کنهن کي نقصان ڏيو.

حضور صلي الله عليه وسلم جن جي زندگي جو هر عمل اعتدال ۽ ميانه روي جو مظهر آهي, اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي اُسوه ء حَسَنَہ کي انسانن لاءِ بهترين نمونو قرار ڏنو آهي.

لَقَدَ کَانَ لَکُم فِي رَسُوُل الله اُسوَته حَسَنَہ (٣٩)

(بيشڪ توهان جي لاءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي زندگي ۾ بهترين نمونو موجود آهي.)

ڀلي ۾ ڀلا ڪم : حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي ته ڀلا ڪم اهي آهن جيڪي اعتدال ۽ ميانه وري سان ڪيا وڃن ٿا.

خَيرُ الاَمُوُر اَوسَطُها

( ڀلي ۾ ڀلا ڪم اهي آهن جيڪي اعتدال ۽ وچڙائي سان ڪيا وڃن ٿا)

اعتدال پسندي, نبوت جي نشانين مان هڪ نشاني آهي عالم سڳور انبياءِ جا وارث آهن تنهن ڪري عالمن, اديبن, ۽ دانشورن کي اعتدال پسندي جومظاهرو ڪرڻ کپي, مسلمان جذبات ۾ اچي انتقام نه وٺندا آهن)(٥٠)

وَالکاظِمين الغَيظ وَ العافين عَنِ الناس (٥١)

مسلمان ڪاوڙ کي بردا شت ڪندا آهن ماڻهن جون ڪوتاهيون معاف ڪندا آهن.

## (١٣) غير مسلمانن سان سلوڪ

اسلام ۾ غير مسلمانن سان گفتگو ڪرڻ ۾, احسن طريقو اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي, قرآن پاڪ ۾ مسلمانن کي هدايت ڏني وئي آهي:

وَلاَتُجادِلوُاَهلَ الكِتابَ اِلا بِاالَتي هِيَ اَحسَن (٥٢)
(يهودين ۽ عيسائين سان احسن طريقي سان بحث ڪندا ڪريو)

اسلام ۾ مشرڪن جي ڪوڙن خدائن کي به گهٽ وڌ چوڻ کان منع ڪئي وئي آهي، اهو انهي ڪري ته متان جواب ۾ اهي مشرڪ مسلمانن جي سچي الله کي گهٽ وڌ چون، اهو به اعتدال آهي،

وَلاَ تَسبُواَلذِينَ يَدعُونَ مِنَ دُونِ اِلله فَيسبُو الله عَدُوًا بِغَيرِ عِلم. (٥٣)
(اي مسلمانو! مشرڪ ماڻهو الله کانسواءِ بين کي پڪارين ٿا، تن کي ڪي به برو ڀلو نه چئو، متان اهي مشرڪ وري بي سمجهي جي ڪري الله تعاليٰ کي برو ڀلو چون )

## (١٥) دعوت و تبليغ جي حڪمت عملي:

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي شريعت ۾ دعوت و تبليغ جي ڪم ۾ اعتدال ۽ وچٿرائي کان ڪم وٺڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، پهرين ماڻهن کي حڪمت ۽ دانائي سان سجهايو وڃي ، پوءِ سهڻي نصيحت ذريعي سمجهايو وڃي ۽ انهي سان به گهريل نتيجو نه نڪري ته مخالف ڌر سان احسن طريقي سان بحث ڪيو وڃي. الله پاڪ جو ارشاد آهي.

اُدعُ اِليٰ سَبِيل رَبلڪَ بالحڪمَته واَلمُوعظته الحسنته و جادلهم بِالتي هِي اَحَسنُ (٥٤)
( اي نبي ) دانائي ۽ سهڻي نصيحت جي ذريعي ماڻهن کي الله جي دعوت ڏي ۽ انهن سان سهڻي نموني سان بحث

ڪندو ڪر)

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت ۾ ميثاق مدينه ۽ صلح حديبيه اعتدال پسندي جو بهترين نمونو آهن, ميثاق مدينه ۾, پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم مديني جي يهودين ۽ مشرڪن سان ناهه ڪري, اعتدال پسندي جو اعليٰ مثال قائم ڪيو هو, اهڙي طرح, صلح حديبيه ۾,مڪي جي مشرڪن سان ناهه ڪري,اعتدال پسندي جو رڪارڊ قائم ڪري ڇڏيائون, ائين ڪرڻ سان عربن ۾ جنگ جو خاتمو ٿيو ۽ مسلمانن کي فتح جي بشارت ملي(٥٥)

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن اصولي طور تي دين جي باري ۾ اعتدال ۽ ميانه روي جو اعليٰ نمونو پيش ڪيو آهي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي سيرت ۾, نه ته عيسائين جي رهبانيت ۽ نه ئي هندن جي تياڳ ۽ بنواس جي گنجائش آهي ۽ نه وري دنيا جي استعمال ۾, آزادي× جي نالي اباحيت ۽ بهيميت جي گنجائش آهي. اهي ٻئي رويا انتهاپسندي× جي ترجماني ڪن ٿا. پهرين رويي موجب, انسان تارڪ دنيا ٿي وڃي غارن کي آباد ڪيو آهي. ٻي رويي موجب, انسان مادر پدر آزاد ٿي نائيٽ ڪلبن جي سونهن بڻجي انسانيت تي ٺٺولي ڪئي آهي. انهن انتهاپسندي× جي روين جي ڀيٽ ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت ۾, دنيا جي زندگي کي, آخرت جي کيتي سڏيو ويو آهي.

اَلدُنيا مَزرعَتہُ الآخرت (دنيا آخرت جي کيتي آهي)

اسلام ۾ دنيا کي نه پر دنيا جي محبت کي ترڪ ڪرڻ جو حڪم آهي. اسلام, دين کي اصل رکڻ سان گڏ ان ۾ غلو ۽ مبالغي کان روڪيو آهي. اسلام اهڙو جامع فڪر ڏنو آهي, جنهن ۾ دنيا جي سيني شعبن کي استعمالڪري, انهن منجهان ئي آخرت پيدا ڪئي آهي. انڪري دنيا کي کيتي ۽ آخرت کي ان جو ثمر قرار ڏنو آهي. جيڪڏهن ثمر ضروري آهي ته کيتي به اوترو ئي ضروري آهي,

٨) علوي، ڊاڪٽر خالد حوالو ساڳيو صفحو: ٣٠
٩) سورت البقره آيت ٣٣
١٠) سورت البقره آيت ٤٣
١١) سورت آل عمران آيت ١١٨
١٢) سورت ياسين آيت ٦٣
١٣) سورت الملڪ آيت ١٠
١٤) سورت العنڪبوت آيت ٣٣
١٥) سورت المائده آيت ١٠٣
١٦) سورت البقره آيت ١٦٣
١٧) سورت البقره آيت ١٥٣
١٨) سورت الزمر آيت ٥٥
١٩) سورت البقره آيتل ٩
٢٠) سورت النساء آيت ٨٢
٢١) سورت محمد آيت ٢٣
٢٢) سورت ص آيت ٢٩
٢٣) سورت البقره آيت ٢١٩
٢٤) سورت انعام آيت ٥٠
٢٥) سورت نحل آيت ٦٩
٢٦) سورت البقره آيت ١٩٠
٢٧) سورت لقمان آيت ١٩
٢٨) سورت بني اسرائيل آيت ٢٩
٢٩) سورت بني اسرائيل آيت ٢٧+٢٦
٣٠) سورت الفرقان آيت ٦٧
٣١) سورت بني اسرائيل ٣٧
٣٢) سورت النساء آيت ٨٠
٣٣) سورت الفرقان آيت ٧٢
٣٤) سورت الاعراف آيت ٣١
٣٥) عثماني، شيخ الاسلام مولانا شبير احمد تفسير عثماني اعراف آيت ٣١
٣٦) ندوي، رئيس احمد جعفري اسلام ۽ عدل و احسان صفحو ٥٥، ثقافت اسلاميه لاهور

